SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 1977
# SINDH ACT NO.VI OF 1977
# سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز (ترميم) ايڪٽ، 1977
# THE SIND CO-OPERATIVE SOCIETIES (AMENDMENT) ACT, 1977

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1925 جي سنڌ ايڪٽ VIIجي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Sind Act VII of 1925
3. 1925 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of Sind Act VII of 1925
4. 1925 جي سنڌ ايڪٽ VIIجي دفعه 71 جي ترميم
Amendment of section 71 of Sind Act VII of 1925

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 1977
SINDH ACT NO.VI OF 1977
سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز (ترميم)

# ايڪٽ، 1977

# THE SIND CO-OPERATIVE SOCIETIES (AMENDMENT) ACT, 1977

[28 جون 1977]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن جي ذريعي سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

جنهن کي هن طرح ٺاهي نافذ ڪيو ويندو؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. هن ايڪٽ کي سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز (ترميم) ايڪٽ، 1977 سڏيو ويندو.

هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

1925 جي سنڌ ايڪٽ VIIجي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Sind Act VII of 1925

2. سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽي ايڪٽ، 1925 ۾ (جيڪو هتي ٻڌايل قانون طور استعمال ڪيو پيو وڃي) جي دفعه 7، ۽ ذيلي دفعه (1) ۾ لفظ ”ڏهه“ جي لفظ ”ٽيهه“ جي متبادل ورتو وڃي.

1925 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of Sind Act VII of 1925

3. ٻڌايل قانون ۾ دفعه 9 ۽ ذيلي دفعه (2) جي شق (a) ۾ لفظ ”ڏهه“ جي لفظ ”ٽيهه“ جي متبادل ورتو وڃي.

1925 جي سنڌ ايڪٽ VIIجي دفعه 71 جي ترميم
Amendment of section 71 of Sind Act VII of 1925

4. ٻڌايل قانون جي دفعه 71، ذيلي دفعه (1)، شق (جي-اي) ۾ جتي پر لفظ شخص استعمال ڪيو پيو وڃي ان جي جاءِ تي لفظ شخص يا شخصن

جي متبادل طور ورتووڃي.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.